مارچ - اپريل 1989ع     قيمت 6 رپيا     سال 19
نمبر 3-4

# ماهوار سائنس

Ali M. Dhareja

## فهرست

**مضمون** — **صفحو**

س.س.س جا 16 سال ________ 2
سائنسي خبرون ________ 6
زاهد ڏاريجو
ڪاري ڪنوٽ ۽ موهن جو دڙو ________ 11
نظام پيٽي
ڪمپيوٽر جو پيو دور ________ 14
محمد نواز بروهي
ٻارن جي نفسيات ________ 25
زبيده ميتلو
ترقي جي عمل ۾ اليڪٽرانڪ ٽيڪنالاجي ________ 28
اعجاز محسن هاشمي
اڪوپنڪچر ________ 32
منصور احمد لاکو
اسان جو ماحولياتي سرشتو ________ 33
جاويد عباسي
بايونڪ دل ________ 36
ڪنڊي جي آتم ڪهاڻي ________ 39
ڪنري دنيا ۾ مرچن جي وڏي منڊي ________ 45
انور پيرزادو
پڙهندڙن جا خط ________ 47

# سنڌ سائنس سوسائٽي جا ڇاپايل ڪتاب

| ڪتاب جو نالو | مصنف | صفحات | قيمت |
|---|---|---|---|
| انسان جا پُراسرار دشمن | ڊاڪٽر سليمان شيخ ... | ... 158 | 10.00 |
| نامور مسلمان سائنسدان | ڊاڪٽر شريف ميمڻ ... | ... 142 | 4.00 |
| پُراسرار ڪائنات | عبدالغفار سومرو ... | ... ... | 3.50 |
| انسان جا فصل | محمد قاسم رند ... | ... 85 | 3.00 |
| غلطين جي نفسيات | رضيه ايف ڪريم ۽ سيد وڏل شاھ | 72 | 10.00 |
| سنڌ جا ٿڻائتا جانور | نثار احمد حداد ... | ... 108 | 6.00 |
| سنڌ جي طبي تاريخ (جلد I) | حڪيم نياز حسين همايوني ... | 762 | 20.00 |
| 〃 (جلد II) | 〃 | | |
| گلن جهڙا ٻارڙا ڦلن جيئن نپجن | ڊاڪٽر سليمان شيخ ... | ... 94 | 9.00 |
| ڪوريئڙي جي حياتي | ڊاڪٽر هارون الرشيد ميمڻ ... | 304 | 25.00 |
| ڪينسر | علي مرتضيٰ ڌاريجو ... | 90 | 15.00 |
| علم فلڪيات | عبدالغفار سومرو ... | ... 160 | 35.00 |

Dr. Ali Murtaza Dharejo

# ماهوار سائنس

سال 19 مارچ - اپريل 1989 پرچو 3-4

ايڊيٽر:

## علي مرتضيٰ ڌاريجو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**ايڊريس :-**

ايڊيٽر/سرڪيوليشن انچارج

زولاجي ڊپارٽمنٽ،

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

**قيمت :**

في پرچو: 6 رپيا

ميخائل ديمتريف .
نظام پنهي .

# ڪاري ڪنوڻ ۽ موهن جو دڙو

[تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي معجزا ۽ ڏند ڪٿائون موجود آهن، جن گهڻي عرصي تائين ماڻهن کي وندرايو ۽ اچرج ۾ وڌل رکيو آهي. اهي ماڻهن جي سوچن تي حائل رهيا آهن ۽ ماڻهن انهن تي اعتماد ڪندي زندگيءَ جا اصول جوڙيا. دراصل انهن ڏند ڪٿائن جو دارو مدار ڪن حقيقتن تي آهي، جيڪي گهڻو عرصو اڳ پيش آيون. سائنسدانن جي شروع کان وٺي اها ڪوشش رهي آهي ته انهن ڏند ڪٿائن ۽ معجزن جي حقيقت سائنسي طريقن سان اجاگر ڪجي، جنهن ڏس ۾ هو گهڻي قدر ڪامياب رهيا آهن. سائنسدانن مطابق اهي ڪٿائون گهڻو ڪري سچ ۽ حقيقت تي مبني آهن. اسان وٽ موهن جي دڙي جي تباهيءَ بابت به ڪي ڪٿائون موجود آهن، ليڪن تازو سائنسدانن انهيءَ جي تباهيءَ بابت کوجنا ڪري هڪ حقيقت پڌري ڪئي آهي. هيٺ اهڙي هڪ مضمون جو ترجمو پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ موهن جي دڙي جي تباهيءَ بابت ڪجهه سائنسي حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن ـ مترجم.]

هڪ قديم هندستاني گيت ”مهاڀارتا“ ۾ ڄاڻايل آهي ته اٽڪل ساڍا ٽي هزار سال اڳ موهن جي دڙي جو شهر قدرتيءَ جي ڦماڄري تان گم ٿي ويو. اهو ڪن پراسرار حالتن ۾ تباهه ٿيو. آسمان ۾ هڪ اندوهناڪ تجلو ظاهر ٿيو، هوا سڙڻ لڳي ۽ هڪ زبردست ڌماڪو پيدا ٿيو. تمام وڏي گرميءَ جي درجي پاڻي اٻاري ڇڏيو ۽ ايترو ”جو مڇي به ترجي ويئي!“

انهيءَ ڦٽل شهر کي آثار قديمه جي ماهرن 1922ع ۾ کوٽي پڌرو ڪيو. کوٽائيءَ ۽ تباهيءَ بابت ڏند ڪٿا جي پٺڀرائي ڪئي. ماهرن پگهريل پٿر، باهه جا نشان ۽ هڪ زبردست ڌماڪي جا اهڃاڻ هٿ ڪيا. هڪ ڪلوميٽر جي پسگردائيءَ ۾ موجود سموريون جايون تباهه ٿي ويون هيون. هٿ آيل انساني ڍانچن مان معلوم ٿئي ٿو ته تباهيءَ کان ڪجهه ويرم اڳ ماڻهو حسب معمول گهٽين ۾ گهمي رهيا هئا. موهن جي دڙي جا آثار، هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ سان ملندڙ جلندڙ

سنڌيڪار:
زبيده ميتلو.

# ٻارن جي نفسيات.

ڏٺو وڃي ته ٻارڙن جي ذهني اوسر تي کوجنا جو ڪم اٺويهين صديءَ کان به اڳ شروع ٿي چڪو هو ۽ پوءِ ڪافي گھٽيو ٿيندو رهيو. جڏهن ته امريڪي نفسيات جي ماهر اسٽينلي هال (Stanley Hall 1844-1924) کي ٻارن جي نفسيات جو پايو وجھندڙ سمجھيو وڃي ٿو. هال ڪيترن ئي سوالن-جوابن وسيلي ٻارن جي ڊپ، روئڻ ۽ کيڏڻ وغيره جا ڪارڻ معلوم ڪيا ۽ هڪ رياستي اسڪول ۾ ٻارن جو باقاعدي نفسياتي مشاهدو ڪيو. 1891ع ۾ هال هڪ رسالو ڪڍڻ شروع ڪيو، جنهن جو اصل مقصد تعليمي نفسيات ۽ ٻارن جي نفسيات تي ڪيل تحقيق جا مختلف مقالا شايع ڪرڻ هئا. هال جي اثر هيٺ برطانيا جي هڪ ماهر نفسيات، جيمزسلي (1842-1923) ٻارن تي تحقيق جو هڪ ادارو قائم ڪيو.

فرانس جي به ڪيترن ئي شهرن ۾ اهڙن قسمن جا ادارا قائم ڪيا ويا. ان دوران "الفرڊ بيني" ٻارن جي ذهني عملن جو اڀياس ڪيو ۽ ان جي رپورٽ ڇپائي 1904ع ۾ فرانسسي تعليمي محڪمي لاءِ ٻارن جا ذهني پيمانا مقرر ڪيا. جرمنيءَ ۾ اٺويهين صديءَ جي آخر ۾ هڪ تحقيقي اداري فروئبل سوسائٽيءَ (Froebel Society) ننڍن ٻارن تي نفسيات جا تجربا ڪيا. انهن تجربن جي روشنيءَ ۾ هنن دعويٰ ڪئي ته ٻارن کي پنجن سالن کان به گھٽ عمر ۾ اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ گھرجي ته جيئن سندن ذهني واڌاري ۽ اوسر ۾ مدد ڪري سگھجي. جرمنيءَ جي جن نفسيات جي ماهرن اهڙي قسم جا نظريا پيش ڪيا انهن ۾ ارنسٽ ميومن (E. Meumann 1861-1915) جي خاص حيثيت آهي. هن اسڪول ۾ ذهني ماپ جو طريقو استعمال ڪيو ۽ ٻارن جي تعليمي صلاحيتن تي ڪلاس روم جي ماحول جو اثر ڏٺو.

جن حقيقتن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن سڀن ۾ هڪ ڳالهه عام هئي، يعني ته تعليمي سرشتي کي ڪامياب ڪيو وڃي، ڇو ته ان سرشتي رڳو سرمائيدار طبقي جي اهم ضرورت پوري پئي ڪئي جڏهن ته تعليمي سرشتي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ٻار جي اسڪولي ماحول، گھريلو ماحول ۽ سندن ذهن کي هڪ خاص شڪل ۾ ڍالڻ ضروري هئو، اهو ڪم نفسيات جي ماهرن پنهنجي سر پورو ڪيو، پر انهن

ماهرن جي ڪوشش جي باوجود ڪيترائي ٻار، خاص ڪري هيٺين طبقي جا اسڪول جي ماحول سان ٺهڪي نه سگهيا. تنهنڪري نفسيات جي ماهرن اهڙن ٻارن کي اڻ ٺهڪندڙ (Maladjusted) قرار ڏنو. انهن کي ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. 1896ع ۾ هڪ امريڪي ماهر نفسيات لائٽنر وٽمر (1867-1956) پينسلوينيا يونيورسٽي ۾ پهرئين نفسياتي ڪلينڪ قائم ڪئي. ان ڪلينڪ ۾ انهن ٻارن جو 'علاج' ڪيو ويو، جيڪي اسڪول ۾ ٻين ٻارن کان پڙهائي ۾ پٺتي ۽ جڏا هئا. وٽمر انهن ٻارن جي طبي چڪاس به ڪندو هو.

طب نفسي جا ماهر اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته انهن ٻارن ۾ ذهني مريض ٿيڻ جا لاڙا ڪيتري قدر موجود آهن. سوشل ورڪر ٻار جي گهريلو ماحول جي باري ۾ ڄاڻ وٺندا آهن، اهڙي طرح ٻار جي باري ۾ مڪمل ۽ تفصيلي ڄاڻ حاصل ڪئي ويندي آهي. 1935ع تائين امريڪا ۾ اهڙي قسم جون 232 اسپتالون قائم ٿي چڪيون هيون. يورپ ۾ به نفسي تجربو ڪندڙ ٻه ماهر عورتون ميلني ڪلائن (M. Klein 1895-1982) ۽ فرائيڊ جي ڌي اينا فرائيڊ (F. Anna 1895-1932) نفسياتي تجزئي جي بنيادن تي ٻارن جو مشاهدو ڪيو. انهن ماهر عورتن اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٻار پنهنجي خاندان مطابق توڙي اسڪول جي ماحول ۾ ڪهڙي طرح پاڻ کي سنوت (Adjustment) ۾ رکن ٿا، ۽ ڪهڙن ڪارڻن ڪري پنهنجي زندگيءَ جي سنوت ۾ ناڪام وڃن ٿا.

ٻارن جي نفسياتي تحقيق ۾ سوئيزرلينڊ جي نفسيات جي ماهر جين پيازي (Piaget 1896-1980) جي حيثيت تمام مرڪزي آهي. ان ڪيئي سال ٻارن تي تجربا ۽ تحقيقون ڪيون، هن ٻارن جي سوچ سندن ٻولي، ذهانت، اخلاقي ساڃهه رکڻ جي صلاحيت ۽ ٻين ذهني خاصيتن ۽ اوسر جي اهم ڄاڻ حاصل ڪئي. پيازيءَ اهو پڻ ثابت ڪيو ته وڏن جي مقابلي ۾ ٻار پاڻ ساراهيندڙ (Egocentric) هوندو آهي. يعني هڪ ٻار هر شي کي ذاتي نقطي سان ڏسندو ۽ محسوس ڪندو آهي، جڏهن ته بالغ اهڙين ڳالهين کي عام طور تي سماجي نقطي کان ڏسندو آهي ۽ محسوس ڪندو آهي. پيازيءَ، اهو پڻ اپياس ڪيو ته عمر وڌڻ سان ٻار جي سمجهه ۽ سوچ ۾ ڪهڙيون تبديليون اچن ٿيون.

سندس ويچار پٽاندڙ ته، ٻار ڄمڻ سٽ سوچي ڪونه ٿو، پر پنهنجي آس پاس جي محرڪن (Stimuli) کي محسوس ڪن ٿا ۽ انهن جو ردعمل انهن محرڪن تي ئي ٻڌل هوندو آهي. جيئن ئي ٻار ٻولي سکڻ لڳي ٿو تيئن ان ۾ علامتن کي ڳاهڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي. ان کان پوءِ ٻار جي سوچڻ جي صلاحيت وڌي

ويجهي ٿي. ستن سالن جي عمر ۾ ٻار ۾ منطقي سوچ پيدا ٿي ٿي ۽ ٻارنهن سالن جي عمر ۾ ٻار انومان ۽ قياس آرايون ڪرڻ لڳي ٿو.

پيازيءَ جي تحقيق ۽ تجربن تي تمام وڏا بحث ٿيا ۽ اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ڇا هر طبقي جي ٻارن جي ذهني اوسر ساڳئي انداز ۾ ٿئي ٿي.

جهڙيءَ طرح "پيازي" ٻڌائي ٿو تيئن ڪيترن ئي نفسيات جي ماهرن پنهنجي تحقيق ذريعي اهو ثابت ڪيو آهي ته، ٻار جي اوسر سندس سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي ماحول کان آزاد نہ هوندي آهي، پر اهي ئي جُزا ٻار جي ذهني اوسر جوڙيندا آهن تنهنڪري اهو ممڪن ئي ناهي ته هر قسم جي طبقي ۾ ٻار جي ذهني اوسر ساڳي انداز ۾ ٿئي.

جن ڏينهن ۾ يورپ ۾ ٻار جي اندروني ڪيفيتن تي گهڻو ڌيان ڏنو پئي ويو ان وقت امريڪا ۾ بہ ٻارن جي ٻاهرين مشاهدن تي زور ڏنو پئي ويو. 1916 ۾ واٽسن (Watson) ٻارن تي ڪجهہ تحقيقون ڪيون، انهن تحقيقن ۾ ٻارن جي جوش ۽ جذبن (Emotions) تي ماحول جو اثر ڏٺو ٿي ويو.

واٽسن ٻارن جي ٻاهرين اڀياس تي گهڻو زور ڏنو، جيتوڻيڪ هو سرمائيدار ٻارن جي ذاتي سوچ يا خواهش ۾ ڪابہ دلچسپي نہ وٺندو هو. پر اهڙن ٻارن کي پنهنجن ضابطن ۾ رکي ڪين سرمائيدار سرشتي جي گهرجن مطابق هلائڻ چاهيندو هو. انڪري ٻارن ۾ ٻيروني مشاهدن جي طريقي کي امريڪا ۾ تمام جلد مقبوليت ملي، هن طريقہ ڪار تي امريڪي سرمائيدار طبقي تمام گهڻو خرچ ڪيو.

ان نقطي تي تنقيد ڪندي مشهور امريڪي نفسيات جي ماهر گارڊنر مرفي (G. Murphy) هيئن لکيو آهي ته: امريڪا جي يونيورسٽين ۾ تمام تيزيءَ سان ٻارن جا رفاهي ادارا وڌي ويجهي رهيا آهن. هي ادارا نہ فقط پئسي جي پٺڀرائي ڪري رهيا آهن پر پنهنجي عملي ۽ تحقيقي طور طريقن سان بہ وڌي ويجهي رهيا آهن جن ٻارن جي نفسيات کي اهڙو حقيقي (Objective) روپ ۽ ڪرداري رنگ ڏئي ڇڏيو جو "ٻارن جي نفسيات اڄ ڏينهن تائين ڇوٽڪارو حاصل نہ ڪري سگهي آهي." ڪرداريت پسند نفسيات جتي ٻين انسانن کي جنس تصور ڪيو اتي ٻارن کي بہ جنس تصور ڪري انهن جو "ٻاهريون" اڀياس ڪيو ۽ ٻارن جي سمجهہ ۽ عقل هُنَ جي اندرين ڪيفيتن ۽ احساسن کي نظر انداز ڪيو، اهائي شي امريڪي ٻارن جي نفسيات جي ڪمزوري رهي آهي. باوجود ايتري ترقي ڪرڻ جي امريڪي نفسيات جا ماهر پنهنجن ٻارن جي نفسيات تي ايترو جوڳو اڀياس نہ ڪري سگهيا آهن، جيترو روس ۽ ٻين يورپي سوشلسٽ ملڪن ۾ ڪيو ويو آهي.

سنڌيڪار: جاويد عباسي.

# اسان جو ماحولياتي سرشتو.

”هيءَ ڪا اڳڪٿي ناهي پر حقيقت آهي تہ انسان جيڪو هن قدرتي تي ڪيترن ئي جاندارن کان آخر ۾ آيو سو هن قدرتي تان ٻين جاندارن جي پٺ ۾ سڀني کان اڳ ۾ ختم ٿي ويندو.“ هي هڪ يورپي ڊرامہ نگار جو تاثر آهي، جنهن ويهين صديءَ جي انسان کي قدرتي ماحول، غليظ (Pollute) ڪندي ڏٺو آهي.

حقيقت اها آهي تہ جڏهن انسان سڀ کان پهريائين باهہ ٻارڻ سکي، ان ڏينهن کان هو، هن قدرتي جي ماحول کي پرشت يا غليظ ڪرڻ جو سزاوار بڻيو انسان ئي زرخيز مٽيءَ کي بنجر بڻائي ڇڏيو. اڄ کان 10.000 هزار سال اڳ انسان مختلف هنڌن ڏانهن لڏپلاڻ شروع ڪئي، حد کان وڌيڪ جانورن جو شڪار ڪيو ۽ رهائش خاطر جهنگلن جا جهنگل ساڙي رک ڪري ڇڏيا.

قدرتي ماحول ۾ تبديلي پهريائين تمام آهستي ۽ بي ضرر هئي، پر جيئن ئي انساني آبادي وڌڻ شروع ٿي ۽ سائنسي دور، صنعتي انقلاب جو موجب بڻيو تہ اسان جو ماحول بہ غليظ ٿيڻ لڳو.

جديد سائنسي ترقي سبب ڪيترن ئي موتمار بيمارين تي ڪنٽرول ڪيو ويو، جنهن سبب آبادي جو انگ وڌڻ تہ موت جو گهٽجڻ لڳو. مٿان وري صنعتي ترقي ۽ ڪيميائي مادن جي تجربن ساهہ ٻوساٽي ڇڏيو آهي. ڪو تعجب ناهي، جو اڄ سائنسدان هن ڌرتي تي انساني مستقبل جي باري ۾ فڪرمند آهي. ماحولياتي غلاظت جي نقصانات متعلق دنيا جي ماڻهن کي ڄاڻ پهچائڻ لاءِ مختلف تنظيمون وجود ۾ اينديون رهن ٿيون. 1980ع ۾ پنجن بين الاقوامي ايجنسين، جنهن ۾ سڀ کان وڏي ايجنسي IUCN=International Union of Conservatoin of Natural Resources بہ شامل آهي ملي ڪري هڪ (WCS-World Conservation Strategy) ورلڊ ڪنزرويشن اسٽريٽجي، جي نالي سان تنظيم جو بنياد وڌو آهي. جيڪا نہ صرف دنيا جي ماڻهن کي ماحول جي غلاظتن متعلق معلومات مهيا ڪندي پر ان غلاظت خلاف جوڳا قدم بہ کڻندي.

ماحولياتي غلاظتن تي جڏهن غور ڪنداسين تہ اسان کي خبر پوندي تہ اها غلاظت اسان جي ماحول ۽ اسان جي آبهوا ۾ ملي، ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان ڏينهن بہ ڏينهن اسان جي حياتين کي موت جي کوهہ ڏانهن ڌڪي رهي آهي. سڀ کان پهريائين زميني غلاظت (Soil Pollution) جنهن ۾ سم ۽ ڪلر جو مسئلو سڀ کان اهم آهي. اسان جي زرخيز مٽي ڏينهون ڏينهن بيڪار بڻجندي پئي وڃي. فضائي غلاظت (Air Pollution)، جنهن ۾ فيڪٽرين جي چمنين ۽ رستي هلندڙ گاڏين مان نڪرندڙ

دونهي اسان جو ساهه پوساڻي ڇڏيو آهي ۽ انهن جي زهريلن گئسن اسان جي جسمن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. پاڻيءَ جي غلاظت (Water Pollution) ۾ گهڻو حصو درياهن ۽ واهن ۾ پوندڙ گندن جو پاڻي آهي، جنهن غليظ پاڻيءَ سان نه رڳو انسان کي پيئڻ جي صاف پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ تڪليف آهي پر آبي مخلوق پڻ غير تحفظ جو شڪار آهي.

صنعتي غلاظت (Industrial Pollution)، وڏين وڏين ايراضين تي پکڙيل صنعتن جي دونهي ۽ گند ڪچري اسان جي ماحول کي بدبودار بڻائي ڇڏيو آهي. آواز جي غلاظت (Noise Pollution)، وڌندڙ آبادين جي گوڙ گهمسان ۽ روڊ ۽ رستن تي ڊرون ڊرون ڪندڙ گاڏين انساني اعصابن کي ڊوڙي ڇڏيو آهي.

جنگلات ۽ ٻيلا ڪنهن به ملڪ جي آب هوا ۽ اتان جي قدرتي ماحولياتي سرشتي کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هڪ اندازي مطابق ته پاڪستان جي جملي 4 سيڪڙو ايراضي تي جنگلات ۽ ٻيلا موجود آهن. جنهن مان به ني ملين افغان پناهگيرن جي اچڻ ڪري جيڪو نقصان انهن جنگلات کي رسيو هوندو ان سبب مٿيون انگ اڃا به گهٽجي ويو هوندو. افغان پناهگيرن خيما کوڙڻ ۽ باهه ٻارڻ لاءِ جنگل ساڙي ڇڏيا آهن، ان کان علاوه ڏاڙيلن جي آڙ ۾ سنڌ جي جنگلات ۽ ٻيلن جو صفايو ڪيو ويو آهي.

ٻيلي کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل جي هڪ رپورٽ مطابق ”هينئر ٻيلن جي ڪل ايراضي جيڪا 78.98 ملين هيڪٽر تي مشتمل آهي، ان جو 4.74 ملين هيڪٽر يا 5.4 سيڪڙو زمين جنگلن ۽ ٻيلن سان ڍڪيل آهي.“ صاحب موصوف جا اهي انگ به هن ملڪ جي قدرتي ماحولياتي سرشتي کي برقرار رکڻ لاءِ اطمينان جوڳا نه چئبا، جڏهن ته جاپان ۾ 66 سيڪڙو، ملائيشيا ۾ 65 سيڪڙو ته هندوستان ۾ 24 سيڪڙو ايراضي تي جنگلات ۽ ٻيلا پکڙيل آهن.

هن ڌرتيءَ تي رهندڙ انسان جي قسمت به شايد هر طرف کان اچي ڦٽي آهي. هن ڌرتي تي جاندارن ۽ خاص طور تي انسانن جي زنده رهڻ جو سڀ کان وڏو سبب آڪسيجن ۽ پاڻيءَ جي موجودگي آهي. اسان جي هوا ۾ 78 سيڪڙو نائٽروجن 21 سيڪڙو آڪسيجن ۽ 1 سيڪڙو ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، هائڊروجن ۽ ٻيون گئسون شامل آهن. اهي سڀ گئسون هڪ مخصوص نسبت سان انسان جي جياپي جو سبب آهن. پر گذريل 40 سالن کان سائنسي ۽ صنعتي انقلاب، قدرت جي هر نظام کي ڇيهو رسايو آهي. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو اسانجي ماحول ۾ وڌڻ هن ڌرتي جي هرجاندار لاءِ خطري جي نشاني آهي، جنهن سبب ڌرتي جو ٽيمپريچر روز بروز وڌي رهيو آهي ۽ ڪيترن ئي ملڪن جي آبهوا تي ان جو شديد اثر پيو آهي.

ان کان سواءِ هڪ ٻيو منحوس اهڃاڻ "اوزون" (Ozone) جي تهه جو تباهه ٿيڻ آهي. اسان جي ڌرتي جي چوڌاري مختلف ماحولياتي طبقا آهن. هن ڌرتي جي چوڌاري مختلف گئسن جو هڪ گهيرو آهي، جيڪو خلا مان ايندڙ ڪيترن ئي مختلف هاڃيڪار جزن کي زمين تائين پهچڻ نٿو ڏئي. انهن مان اوزون جو تهه اسان کي سج جي سڌن شعاعن پوڻ کان بچائي ٿو، پر سائنسي انقلاب جي پيداوار سبب ڪلوروفلوروڪاربن (Chlorofloro-Carbon) جيڪا جهازن، ايئرڪنڊيشنرن ۽ ريفريجيٽرن ۾ استعمال ٿئي ٿي، اها اوزون جو تهه ڪائي ختم ڪري رهي آهي. آرڪٽڪ ۽ انٽارڪٽڪ وٽ قدرتي ماحول جي ڇٽي ۾ سوراخ پئجي چڪا آهن، جنهن سبب اوزون جو تهه سلامت ناهي رهيو. اهي ماڻهو جيڪي انهن علائقن ۾ رهن ٿا يا ڪم ڪن ٿا، آسانيءَ سان چمڙيءَ جي ڪينسر (Skin Cancer) ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا.

ارمان جهڙي ڳالهه ته اها آهي جو ماحولياتي غلاظت جو مسئلو ڪنهن هڪ انسان، هڪ قبيلي يا هڪ قوم وملڪ جو ناهي پر سڄي انسان ذات جو آهي، جنهن کي اسان نظرانداز ڪندا ٿا اچون. ماحولياتي غلاظت اهڙو موضوع آهي، جنهن تي ڪم ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن سائنسدان اڳتي نه وڌيا ته هن ڌرتي تي انساني موت جو بدترين رقص شروع ٿيڻ وارو آهي.

---

## آندل صفحو 24

**نوٽ:** سائنس آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر 1988ع واري شماري ۾ ڏنل مضمون "ڪمپيوٽر" ۾ ڪجهه پروف ته ڪجهه پيسٽنگ سبب ڪي غلطيون ٿي ويون آهن جيڪي درست ڪري هن ريت پڙهڻ گهرجي.

| صفحو | پئراگراف | لائين | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|---|
| 9 | 1 | 9 | 1933ع | 1633ع |
| 9 | 2 | 4 | 1942ع | 1642ع |
| 10 | 1 | 1 | 1882ع | 1822ع |

● صفحي نمبر 10 تي پئراگراف پهرين جي لائين نمبر 12 جي لفظ "وڊيڪ" کانپوءِ صفحي نمبر 11 تي پئراگراف پهرين جي لائين نمبر 25 جي لفظ "پرزا" سان گڏ، صفحي نمبر 11 جي آخري لائين لفظ "ته" تائين لڳاتار پڙهيو وڃي.

● صفحي نمبر 11 جي ختم ٿيڻ کانپوءِ وري صفحي نمبر 10 تي پئراگراف پهرين جي لائين نمبر 13 کان صفحي نمبر 11 جي لائين نمبر 24 تائين لڳاتار پڙهيو وڃي، هن کانپوءِ صفحي نمبر 28 تي ڏنل باقي ٽڪري تائين گڏ پڙهيو وڃي.




۾ زور لاتي ٿي. هيمو پمپ جو موجد رچرڊ ويمپلر (Richard Wampler) کي اهڙو خيال تڏهن آنڙيو جڏهن هن 1980 جي شروعات ۾ زراعت ۾ استعمال ٿيندڙ اهڙا پمپ، مصر ۾ ڏٺا هئا.

اها ڪيڏي نه اچرج جهڙي ڳالهه آهي ته ايترو ننڍڙو ۽ سادو پمپ، انساني دل جو نعم البدل ٿي سگهي ٿو. جڏهن انسان آرام وارين حالتن ۾ هوندو آهي ته سندس دل هڪ منٽ ۾ اٺن کان ڏهن پنٽن جي




هي نڪتو ته منهنجي شڪل جهڙو ڪر،
انگريزي اکر ايس (S) جهڙي ٿي پيئي.
حقي لحاظ کان ڏلو وجي ته بلڪل سڌي
ڪنڊي هجڻ بجاءِ اهو وڏيڪ بهتر هوندو
آهي. جو ونگيل ۽ ڪماني هجڻ ڪري
اهو شاڪ ائبزاربر وارو ڪم ڪري ٿو
جنهنڪري آءٌ ڏڪڻ ڏوڙ کان گهڻو بچيل
رهان ٿو.

ائين ونگي پيا به ڪيترائي شاڪ
ائبزاربر آهن ۽ اهي هجڻ به گهرجن. جاڻڻ
جي گهمڻ وقت جي هر وک تي هڪ سؤ
پائونڊن جي وزن جيترو جهٽڪو منهنجي
هڪڙي هڏڙي کي ٻئي سان ڪسائيندو رهي
ته منهنجا لاهه ٿي نڪري وڃن ۽ آءٌ گهڻي
وقت تائين جنبش ڪري نه سگهان. اهڙيءَ
ڳالهه کان بچڻ لاءِ منهنجين هر ٻن هڏڙين

# پڙهندڙن جا خط

سائنس جو رسالو پڙهي گهڻي خوشي ٿي، رسالي کي اگر هر ٻن مهينن کانپوءِ پابنديءَ سان شايع ڪندو تہ تمام سٺو ٿيندو. گڏوگڏ رسالو مقبول ٿيندو ۽ خريدار وڌندا، مون ڪجهہ عرصو اڳ ترجمو ڪيل مواد (راڪيٽ) موڪليو هو جيڪو اڃا تائين شايع نہ ٿيو آهي، الائي ڇا سبب آهي؟ ٻيو تہ آءٌ سائنس سوسائٽي جو ميمبر ٿيڻ چاهيان ٿو تنهن بابت ضروري هدايتون لکندا. اسان لکندڙن جا مضمون شايع ڪري اسانجي همت افزائي ڪندا تہ مهرباني ٿيندي، ٻيو تہ رسالي ۾ بنيادي سائنس بابت لکندا تہ جيئن نوان پڙهندڙ فائدو حاصل ڪري سگهن.

**بابر خان بلوچ،** فقير غلام علي لغاري، ٿرپارڪر.

سائنس جو سالنامون پڙهيم سچ پچ تہ پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي، ”اولاس رومر“ وارو مضمون پڙهي منهنجيءَ دل ۾ خيال ٿيو تہ ڇو نہ مان بہ ڪجهہ لکان، آخرڪار ڪافي ڪوشش بعد هڪ مضمون موڪلي رهيو آهيان، سنهنجي هيءَ پهرئين ڪوشش آهي جي ڪا غلطي هجيس تہ درست ڪجوس، مضمون ننڍو آهي اميد تہ جلد ئي ”سائنس“ ۾ جاءِ ملندس ۽ جلدئي ٻيو ڪو وڏو مضمون روانو ڪندس. هتي ڦنمبر ۾ سائنسي رسالو نٿو ملي تنهنڪري منهنجو مضمون جنهن رسالي ۾ ڇاپيو تہ ان بابت مطلع ڪندا تہ جيئن مان لاڙڪاڻي مان خريد ڪري سگهان.

**صادق علي پرڙو،** ڦنمبر، لاڙڪاڻو.

1988ع جو سالنامو پڙهي پورو ڪيم. سڀ کان پهريائين تہ اوهان کي رسالي کي وري جيارڻ جون واڌايون هجن. رسالي کي بهتر کان بهتر بڻائڻ لاءِ هميشه گنجائش موجود هوندي آهي. اميد تہ توهان پنهنجين صلاحيتن جو پورو پورو مظاهرو ڪندي، هن رسالي کي اهڙي معيار تي پهچائيندا، جتي رسالي جي ساک نهي ۽ سرڪيوليشن پڻ وڌي. اڄ جي ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ سنڌيءَ ۾ هڪ معياري رسالي جي هميشه ڪمي محسوس ڪئي ويئي آهي، جيڪو نج سائنسي هجي. ڏسون تہ ”سائنس“ اسان جون اميدون ڪيتري حد تائين پوريون ڪري ٿو. انهيءَ جو اهو مطلب ناهي تہ ڪو مون کي هن وقت رسالو ،معياري نٿو لڳي. محنت اوهان جي سٺي، بالڪل سٺي آهي، پر اڃان گهڻي مواد، معياري مواد ۽ تازي مواد جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ اسان کان جيترو پڄو، سهڪار ڪنداسين. هي نئون نڪور مضمون موڪلي رهيو آهيان. اميد تہ توهان جي رسالي ۾ ضرور جڳهہ ماڻيندو.

# سنڌ سائنس سوسائٽي جا ڪتاب

هيٺين ايڊريس سان گهرائي سگهجن ٿا.

## سنڌي ادبي بورڊ جو

# بُڪ اسٽال

تلڪ چاڙهي حيدرآباد، سنڌ.


ڇاپيندڙ:- قاضي محمّد نعيم الدين، حيدري پرنٽنگ پريس لجپت روڊ حيدرآباد.

ڇپائيندڙ:- ڊاڪٽر ايس. ايم. قريشي، پاران سنڌ سائنس سوسائٽي ڄام شورو.

رجسٽرڊ نمبر ايس: ٢٩٥٦

ماهوار
# سائنس

ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن حيدرآباد طرفان منظور ڪيل

سال 19 } مارچ - اپريل 1989ع { پرچو 3-4

# سنڌ جي وزيراعليٰ کي اپيل

سنڌ سائنس سوسائٽيءَ جا مشورو جي بلڊنگ تان سالن جو قبضو ختم ڪرائي بلڊنگ سوسائٽيءَ کي واپس ڪرائي وڃي.

س. س. س. جي بلڊنگ تي اڳوڻي غير جمهوري حڪومت جي سازش هيٺ ڪرايل پوليس جي قبضي سبب سنڌ جا ماڻهو، سائنسي علم وادب کان وانجهيل رهندا آيا آهن.

ايگزيڪيوٽو ڪائونسل س.س.س